سِنڌ تعليمي تحريڪ

محمد ابراهيم جويو

سِنڌ تعليمي تحريڪ

ست تحريڪ

محمد ابراهيم جويو

غلام مصطفيٰ بلوچ

حق ۽ واسطا قائم

ڪتاب جو نالو: سنڌ تعليمي تحريڪ

موضوع: **تعليم**

مرتب: **محمد ابراهيم جويو ۽ غلام مصطفيٰ بلوچ**

ڇاپو پهريون: © 27 مارچ 2010ع

پيسٽنگ: سهيل سلام پنهور

ڪمپوزنگ: وفا مولا بخش ٿيمراڻي

ڇپائيندڙ: محمد رمضان ڪنڀر، شفيق ڪانڌڙو

ايس پي او، سنڌ، حيدرآباد 0222654725, 2655399, 03018370170

ڇپيندڙ: پارس پرنٽنگ ايجنسي

گاڏي کاتو حيدرچوڪ حيدرآباد

موبائل: 0300_3014195

SINDH TALEEMI TAHREEK

[Education]

Compiled By ***Muhammad Ibrahim Joyo***

& Ghulam Mustafa Baloch

03018370170

First Edition: 27 March 2010

Printed by,

Paras Printing Agency Hyderabad

Mob: 0300-3014195

Published by: Muhammad Ramzan Kumbhar, Shafique Kandhro

SPO, Sindh, Hyderabad. 0222654725, 2655399

نوٽ: هن ڪتابچي ۾ شامل مواد مختلف مضمونن ۽ تحقيقي مقالن مان کنيل آهي جنهن سان اداري جو متفق هجڻ ضروري ناهي.

ٻه اکر

سنڌ جي تعليم ۾ جديد تقاضائون

سنڌ جي تعليم کي بهتر اثرائتو ۽ جديد دنيا جي تقضائن مطابق آڻڻ لاءِ اسان کي ڪجھ ضروري ڳالهين طرف ڌيان ڏيڻ ضروري آهي ايس . پي . او جي طرفان سنڌ جي تعليم سڌارڻ لاءِ پنج نڪاتي تحريڪ جو آغاز ڪيو ويو آهي انهن نڪتن جو تفصيل هن طرح آهي

حڪومت پاڪستان ملينم ڊيولپمينٽ گول (M D G) لاءِ 2015 تائين جيڪي ٽارگيٽ ۽ حدف رکيا آهن اُهي سنڌ جي موجوده تعليمي Status مطابق ڪئين حاصل ڪيا ويندا؟

سنڌ جو ڪرنڌڙ تعليمي معيار ڇا هن گلوبل ويليج انفارميشن ٽيڪنالوجي ۽ سيٽلائيٽ انفارميشن جي جديد دور ۾ اهڙو Cader ۽ هيومن رسيورس پيدا ڪندو جيڪي نئين گلوبل چيلنج ۾ پنهنجي جاءِ بنائي سگهي؟

سنڌ جو تعليمي نصاب سنڌ جي مستقبل جي شاگرد کي سنڌ جي ثقافتي قدرن يعني انسان دوست ڌرتي سان محبت ڪندڙ صوفي ازم جي آدرشن سان لبيريز هڪ سيڪولر ۽ اعليٰ قدرن وارو انسان بنائي سگهندو؟

سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ پُر امن ماحول پيدا ڪرڻ جيئن سنڌ جا شاگرد بنا خوف جي اعليٰ تعليم حاصل ڪري سگهن-

سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ شاگرد يونين جي بحالي ۽ شاگرد مستقبل جي شاندار ليڊر شپ پيدا ڪرڻ

سنڌ ۾ نياڻين جي تعليم تي خاص توجهه ڏئي کين پُرامن ماحول ۾ پنهنجو شاندار مستقبل بنائڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ.

سنڌ جي پٽ تي پيل طبقن خاص طور ڌرتي ڌڻين Indeginous people يعنيٰ ، مذهبي اقليتن ، غريب طبقن مهاڻن بي زمين هارين ۽ انتهائي غريب طبقن کي تعليم جي قومي دهارا Mainstream ۾ شامل ڪرڻ لاءِ خصوصي توجهه ڏني وڃي پئي صورت ۾ انتها پسند قوتون سنڌن غربت کي استعمال ڪندي مدرسہ تعليم کي فروغ ڏينديون ۽ پوءِ اهو ڏينهن پري ناهي جو سنڌ جو صوفي سماج ۾ پيدا ٿيندڙ نوجوان بہ ملڪ جي اترئين علائقن وانگر جديد سائنسي تعليم جي بجا ۽ فر قيواريت جي بنيادي نڪتي تي رهندي انتها پسندي جي اوڙاهہ ۾ جنم وٺندو.

سنڌ جي نوجوانن کي فرقہ پرستي واري انتها پسند سوچ جنهن مطابق هر اهو شخص قتل جي لائق آهي جيڪو سنڌن فرقي مطابق خدا جي عبادت نہ ٿو ڪري هن وقت ٿر ۽ اترئين سنڌ جا گهڻا علائقا انهن فرقہ واريت جي بنيادي قائم مدرسن جي لسٽ ۾ آهن جتي غريب ماڻهو پنهنجن ٻچن جي Survival لاءِ ۽ ٻن وقتن جي ماني ٽڪر لاءَ انهي انتها پسندي واري تعليمي نظام طرف ڌڪجي رهيا آهن.

بنيادي ڳالهہ اها آهي تہ انساني حقن تي مشتمل هي تعليمي پروگرام ۽ سنڌ جي تعليم کي معياري بنائڻ واري هن مهم جا مقصد ڇا آهن انهي لاءِ انهي جي پسمنظر کي سمجهڻو پوندو.

ترقي ۽ تبديلي جو عمل ايڏو سڌو ۽ آسان ناهي ڇو تہ هي عمل انساني سماج جنهن جون پاڙون نہ صرف صدين جي انساني ارتقاء جي عمل ۾ ڪتل آهن پر انهي سان گڏوگڏ جيئن سائنسي ايجادون نمودار ٿيون آهن تئين تبديلون آيون ۽ انهن رسمن ۽ رواجن کي متاثر ڪيو آهي يا نوان لاڙا ۽ رويا پيدا ڪيا آهن انهن کي ترقي ۽ تبديلي جي اهڙي عمل ۾ جنهن خوشحالي ۽ بنيادي حق بنا ڪنهن تعريف جي هر انسان جي در تي دستڪ ڏين ۽ انهن سيني رڪاوٽن جڪي انساني معاشري جاگيردارانہ سوچ قبائلي جهگڙا بدترين طرز حڪمراني اوچ نيچ مذهبي ڪٽر پڻي ۽ جنسي ڏاڍين جون زنجيرون ٽوڙي هڪ سماجي انصاف ۽ روادري واري سماج جي تشڪيل ڪن يقينا اهو پوءِ ڏکيو ڏکيو ۽ مسلسل محنت طلب عمل آهي ۽ انهي ۾ ايندڙ تبديلين پڻ نئون اوزار ۽ گس ڳولهڻ لاءَ راغب ڪيو آهي.

انهن سماجي مسئلن ۽ رڪاوٽون ۽ طرز حڪمراني جي ناقص هئڻ ڪري سنڌ جا باشعور حلقا انهي ڳالهه تي انتهائي فڪر مند آهن ته سنڌ جي تعليم مسلسل غير معياري ٿيندي پيئي وڃي جيڪا سنڌ لاءِ هن سائنس ۽ ٽيڪنالوجي واري دور ۾ انتهائي ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهي ۽ اسان کي ياد رکڻ کپي ته دنيا جي ڪجهه ملڪن جنهن ۾ قدرتي وسيلا نا پيد هئا اُهي صرف پنهنجي انساني وسيلن جي ترقي يا Human Resource Development جي ڪري ترقي ڪئي جنهن ۾ ڪوريا، مليشيا ۽ سنگاپور شامل آهن جڏهن ته تمام گهڻا قدرتي وسيلا هوندي به عرب ملڪ انساني وسيلن جي ترقي يافته نه هئڻ ڪري پنهنجي آمدني جو وڏو حصو انهن ملڪن کي ڏيڻ تي مجبور آهن جيڪي سائنس ۽ ٽيڪنالوجي ۾ اڳتي آهن.

سنڌ جي تعليم جي پسماندگي کي جيڪڏهن صرف انگن اکرن ۾ ڏٺو وڃي ته به انهيءَ جا نتيجا حيرت انگيز هوندا آهن.

مثال: ميلنيم ڊيولپمينٽ گول (MDGs) ۾ پاڪستان Committ ڪيو آهي ته 2015ع تائين 5 سالن کان مٿي سيني ٻارن جي 100٪ انرولمينٽ ٿيندي پر هتي مان SPO جي ساٿي تنظيمن جي سروي جا 2 مثال ڏيندس.

شڪارپور ضلعي جي 8 يونين ڪائونسلن جي سروي ڪئي ويئي جنهن مطابق ٽوٽل ڳوٺ هيا 108 جنهن ۾ گرلز پرائمري اسڪول آهن صرف 31 جنهن ۾ 14 گرلز اسڪول بند آهن. انهيءَ جو مطلب ته 108 ڳوٺن ۾ صرف 17 اسڪول هلن پيا انهيءَ جو مطلب 91 ڳوٺن جون نياڻيون تعليم کان محروم آهن.

ٻيو مثال مان هتي مٽياري ضلعي جي يونين ڪائونسل ڀاٽوٽ جو ڏيندس. سروي موجب يونين ڪائونسل ڀاٽوٽ ۾ 73 ڳوٺ آهن جنهن جي آبادي تقريباً 40 هزار آهن ۽ انهيءَ يوسي ۾ 6 گرلز پرائمري اسڪول آهن انهيءَ مان 2 بند آهن. انهيءَ مطلب 67 ڳوٺن جون نياڻيون تعليم کان محروم آهن. عوامي آواز جي 19 آگسٽ 2009ع جي شماري مطابق 11669 اسڪول بنا عمارتن جي 24 هزار چوديواريءَ ۾ 39 هزار اسڪول بجلي بنا هلندڙ آهن، 22585 اسڪولن ۾ ليٽرين ڪونهن، 11670

اسڪول بنا ڇت جي هلندڙ آهن، 5639 اسڪول بند ۽ 311 اسڪول ڪرائي جي عمارتن ۾ هلندڙ آهن. ڀهراڙيءَ جون 70 سيڪڙو نياٽيون اسڪول جو منهن تي نٿيون ڏسن. استادن جي گهٽ قابليت، ڪاپي ڪلچر ۽ ويزاتي ويل اسڪول ٽيچرن جو تصور توهان پنجاب يا سرحد ۾ نه ٿا ڪري سگهو. سنڌ جي سجاڻ ڌرين کان سوال آهي ته هن صورتحال ۾ ڇا سنڌ جديد دنيا ۾ هڪ ڪمزور ۽ نان ٽيڪنيڪل هيومن ريسورس سان ڪيئن Survival ڪندي، جڏهن ته اسان پنهنجي ئي ڌرتيءَ جي مارڪيٽن، ننڍن ڪاروبارن، ايڪسپورٽ ۽ امپورٽ بزنس، چيمبرز ۽ ڪامرس جي ڌنڌن ۽ صنعتي ڪاروبار ۾ شريڪ نه هجون ۽ جديد ٽيڪنالوجي جي دؤر ۾ ڪاپي ڪلچر مان پيدا ٿيندڙ سنڌ جو هيومن ريسورس پنهنجي وجود کي ڪيئن برقرار رکي سگهندو؟.

انهيءَ حوالي سان سائين محمد ابراهيم جويي جي قيادت ۾ هلندڙ تعليم بچايو تحريڪ وقت جي اهم ضرورت آهي، اسان سنڌ جي باشعور انسانن، دانشورن، اديبن، صحافين، استادن جي تنظيمن، سياسي پارٽين، شاگردن جي تنظيمن ۽ سماجي تنظيمن کي هن تحريڪ ۾ هٿ ونڊائڻ جي اپيل ٿا ڪريون.

غلام مصطفيٰ بلوچ
24 مارچ 2010ع

پڏرنامو

(هيءُ پڏرنامو پڙهي، مهرباني ڪري ھين ڪي پڙهڻ لاءِ وڏايو)

سِنڌ تعليمي تحريڪ يا سَت تحريڪ

تحريڪ جا بنياد وجهندڙ ۽ هلائيندڙ:
(1) محمد ابراهيم جويو
(2) غلام مصطفيٰ بلوچ

تعاون: ايس پي او سنڌ، حيدرآباد

"ست تحريڪ" جون ٻہ معنائون، هڪ مقصد

جيئن لفظ "سَتَ" جون مکيہ ٻہ معنائون —سچ ۽ سگهہ— آهن، تيئن هن تحريڪ جون ٻہ اِهي ئي ٻہ معنائون، پر مقصد وري ٻہ هڪ اٿس، يعني هيءُ تہ سنڌ جي سيني ڳوٺن - ڀهراڙين ۽ ڪچين آبادين ۾ - تعليم عام ڪئي وڃي، ماڻهن کي پڙهڻ، لکڻ ۽ ليکو ڪرڻ سيکاريو وڃي، جيئن سندن چاڻ سڌري ۽ وڌي، ڇو تہ ڄاڻ جي سڌرڻ ۽ وڌڻ سان ئي دنيا ۾ هزارن لکن ڪروڙن سالن کان انساني دنيا ۾ ايڏي وڏي ترقي ٿيندي آئي آهي ۽ ٿي رهي آهي.

دراصل ڇاڻ — سچ جي ڇاڻ — ئي سڀ کان وڏي سگهہ آهي، ۽ مهذب انساني دنيا ۾ اها تعليم جي عام ڪرڻ سان ئي حاصل ٿيڻي آهي.

ان طرح اسان جي هن تعليمي تحريڪ جو هڪ ۽ هڪ اهو ئي مقصد آهي تہ لکيل لفظ ۽ انگ اکرن کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ سان سنڌي قوم ۾ "پاڻ سڃاڻڻ" جي صلاحيت ۽ سگهہ — انسانيت جي سگهہ ۽ ساڃهہ — پيدا ٿئي ٿي، جيئن هوءَ سڄاڳ ۽ متحد ٿي، پنهنجي اڄ جي مشڪلاتن کي مُنهن ڏئي سگهي؛ پنهنجي وطن سان واڳيل رهي، سک سانت سان رهي، وڌيڪ سڌري ۽ اڳتي وڌي، ۽ ان پنهنجي قومي ڀلائيءَ ۾ انسان ذات جي ڀلائي ڏسي؛ ۽ پنهنجي قومي امن، پيار ۽ ڀائيچاري جو اهو اعليٰ سبق پاڻ سکي ۽ ان تي عمل ڪري، ۽ مثال بڻجي سڄي عالم انسانيءَ جي قومن کي پنهنجي حصي جو ننڍو وڏو هڪ سبق بہ ڏئي.

هن وقت سنڌ ۾ وڏن شهرن وارا اسان جا ڀائر گهڻو ڪجهہ پڙهيل آهن، پر ٻهراڙين ۽ ڪچين آبادين ۾ اسان جي تعليمي صورتحال تقريباً نہ هئڻ جي برابر آهي. اُتي لڳ ڀڳ چار ڪروڙ سنڌ جي رهواسين مان رڳي ويهارو کن لک مس پڙهيل آهن. باقي 3 ڪروڙ 80 لک کن بنهہ ڪورا ۽ اڻ پڙهيل آهيون، رڳو پنهنجي مادري زبان جو بہ هڪ لفظ نٿا پڙهي سگهون. ان بابت سرڪاري انگ اکر سڀ گماني اندازا آهن. اوهين پنهنجي سِر يا ڳوٺ ۾ پڙهيلن جي شماري پاڻ ڪري سگهو ٿا. ڳوٺن جا ڳوٺ اوهان کي اڻ پڙهيل ڏسڻ ۾ ايندا. هڪ تنظيم جنهن ڏهہ سال نٽي ضلعي ۾ 300 نان - فارمل (غير سرڪاري) اسڪول هلايا ۽ وچ وچ ۾ 200 بالغن جا مرڪز زالائنا ۽ مردائنا بہ هلايا _ هڪ هڪ ڳوٺ جي سروري ڪئي آهي، ان جا تعليمي انگ اکر آهن تہ سڄي ضلعي جي ٻهراڙين، ڪچن ڳوٺن ۾ زالين مردين ڪي پنج سَت يا اٺ سيڪڙو پڙهيل آهن — ويندي گريجوئيشن تائين_ جيڪي لکي پڙهي سگهن ٿا.

سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ بہ ٻهراڙين ۽ ڪچين آبادين جو اهو ئي حال آهي. سو سنڌ جي وڏن شهرن کي ڇڏي، ڳوٺن ۽ ٻهراڙين ۾ تعليم جي سراسري اها 5 کان 8 سيڪڙو ئي آهي، ۽ نہ 55 سيڪڙو جيڪا تعليم کاتي وارا سنڌ صوبي لاءِ مرڪز کي يا ٻاهرينءَ دنيا کي ٻڌائين ٿا. جيئن پاڪستان شماريات وارن سنڌ جي غريبيءَ لاءِ چيو تہ 33 سيڪڙو آهي، پوءِ

چپائون تہ اها گهٽ تي هاڻي 23 سيڪڙو تي وئي آهي، پر نئين سرڪار جيڪا هاڻي آئي آهي اها تہ چوي ٿي ۽ سچ ٿي چوي، تہ سنڌ ۾ اها چڙهي وڃي 60 (سٺ) سيڪڙو کي پهتي آهي! حقيقي صورت بہ اها آهي تہ 10 مان 6 ماڻهو بکيا ۽ اڌ بکيا سمهن ٿا. اڄ سنڌ جي ننڍين وڏن شهرن ۾ اوهان کي سنڌين جا ٽولا بسن، بازارين ۽ گهٽين ۾ هٿ ٽنگيندي ڏسڻ ۾ ايندا. اسان پڙهيلن کي ان صورتحال تي شرم کان ڪنڌ هيٺ ڪرڻ کپي- ڇو تہ اڳي هر گز ائين ڪو نہ هو ۽ هاڻي ڇا پر ڪڏهن ائين ٿيڻ يا هجڻ نہ کپي. هن جهالت يا غربت جو سبب هڪڙو آهي اسان جو تعليم کاتو ۽ ٻيو آهي سنڌ جو اميرُ ۽ سکيو ستابو ماڻهو. اهي ٻئي ڌريون، سنڌ ۾ ٻهراڙيءَ جي ڳوٺن ۽ ڪچين بستين ۾ عام تعليم جا دوست ڪونهن. منجهائن هڪڙا آهن پئسن ڪمائڻ لاءِ ۽ ٻيا آهن سنڌن حد ۽ وس ۾ رهندڙ عام ماڻهن – هارين نارين ۽ عام پورهيتن-کي پنهنجي پنهنجي ذاتي شيءِ يا ملڪيت سمجهڻ وارا ۽ خود کين ڪمائي کارائڻ وارا – پوءِ اهي پڙهي پوندا يا سندن ٻار- ڇوڪرا يا ڇوڪريون پڙهي پونديون، تہ اهي سڄا سڄا ڪٽنب سندن هٿن مان نڪري ويندا. ان ڪري اهي پيٽ پريا ۽ اڪين ڍڪيا وڏا ماڻهو اسڪولن تي ڪڙا ٿا چاڙهين. هوڏانهن تعليم وارا صاحب پاڻ بہ حرص ۾ ورتلَ، ياڇوڪڙ ۽ ڪم چور استادن کان اڌ پگهار ڦرڻ وارا ان ڦر مار ڪرڻ ۾ پورا – ائين اُنهن لاءِ تعليم جو گاڏو بيٺو تہ ڇا، بگڙيو تہ ڇا، يا مرڳو بند بہ ٿيو تہ ڇا!

اسان سنڌ تعليمي تحريڪ ("ست تحريڪ") وارن، سنڌ ۾ تعليم ۽ تدريس جي هھڙي ابتر حال کي، سنڌ ۾ عام جهالت، غربت ۽ نڪمائيءَ جو مکيہ ڪارڻ سمجهي، سنڌ جي نئينءَ سرڪار کي هڪڙي پنجن سالن جي پرائمري تعليم ۽ بالغن جي سکيا لاءِ رٿا ناهي ڏني آهي، جنهن ۾ سرڪار کي اها تجويز ڏني اٿئون تہ غربت کي ختم ڪرڻ لاءِ پنجن سالن جي بجيٽن ۾ جيڪي پئسا رکيا وڃن – ۽ اهي ليکو چوکو ڪري ڪافي رکيا وڃن، سي پئسا سيني حقدارن کي ضرور ڏنا وڃن، پر مٿن اهو شرط رکيو وڃي تہ هو پنهنجن ٻارن – ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين- کي، پهرئين درجي کان پنجين درجي تائين اسڪولن ۾ پڙهڻ لاءِ موڪلين، ۽ انهن ٻارن کي درجي وار هر مهيني بہ، ٽي، چار ۽ پنج سئو روپيا اسڪالرشپ طور ڏنا وڃن، ۽ پڻ بالغن جي تعليمي مرڪزن ۾ شام جو هر روز ٽي ڪلاڪ پڙهڻ لاءِ داخل ٿيندڙ هر

اڻ پڙهيل بالغ مرد ۽ عورت کي هر مهيني هر هڪ کي چار سئو روپيا وظيفي طور ادا ڪيا ويندا. بالغن کي هر روز ٽي ڪلاڪ اکر ۽ انگ پڙهائڻ سان گڏ ڳوڻاٽا توڙي نوان هلڪا هنر به. سندن پنهنجي پنهنجي مرضيءَ وارا. سيکاريا ويندا ته جيئن سال جي واندڪائيءَ وارن ڏينهن مهينن ۾ هو هٿ پير هڻي، پنهنجي پنهنجي ڪٽنب لاءِ اُن طرح روزگار جا امڪان وڌائين ته اِئين عام غربت کي هڪ وڏيڪ ڌڪ لڳي سگهي.

ان طرح پنجن سالن لاءِ تعليمي تحريڪ ۽ اسڪولن ۽ ٻڻ ٻين تعليمي مرڪزن ۾ تعليمي ۽ تدريسي عمل سان سنڌ ۾ 100 سيڪڙو پرائمري تعليم ۾ ۽ گهٽ ۾ گهٽ 70_80 سيڪڙو بالغن جي تعليم ۾ واڌ آڻي سگهبي.

پنجن سالن جي تعليمي رٿا ۾ استاد لاءِ به هيءَ تجويز پيش ڪيل آهي ته ڪين پوئين پهر ۾ بالغن جي پاڙهڻ ۽ سندن هنري سکيا جي نظر داريءَ وغيره لاءِ، سندن پڪي پگهار جو 50 سيڪڙو واڌو ادائگي ڪئي ويندي.

هن گذارشنامي ۾ هيٺ "ست تحريڪ" ۽ تعليمي رٿا جي تفصيلي بيان ۾، قومي سڌاري ۽ واڌاري هن مهم سان لاڳاپي رکندڙ ڪافي ڳالهين جي وضاحت ٿيل آهي.

هيءَ تحريڪ رڳي اسان ٻن ٽئن شخصن جي ڪانهي، پر سنڌ جي سڀني پڙهيلن ۽ اڻ پڙهيلن مردن ۽ زالن جي به آهي. هن تحريڪ ۾ شاگرد، استاد، اديب، سياسي ورڪر ۽ سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ سڀ غير سرڪاري طور خدمتگذار تنظيمون ۽ ٻيا سڀ وطن دوست ماڻهو سرگرم حصو وٺي سگهن ٿا. هڪ ڀيرو هيءَ تحريڪ شروع ٿي پنهنجي ڪارگذاريءَ پيشقدمي ڪئي، ته سنڌ ۾ تعليم عام ڪرڻ جو خواب پنجن سالن ۾ نه ته به 2015ع تائين بدلجي حقيقت جو روپ وٺي سگهي ٿو—اهڙي پوري اسان کي اميد آهي.

سنڌ ۾ تعليم عام ڪرڻ لاءِ
پنجن سالن جي رٿا

(هيءَ رٿا ست تحريڪ جي اڳواڻن محمد ابراهيم جويي ۽
غلام مصطفيٰ بلوچ، ايس پي او سماجي تنظيم جي ميمبرن جي صلاح
مشوري سان ٺاهي آهي)

"اوهان جيڪڏهن هي لفظ پڙهي سگهو ٿا ته ان جي لاءِ اوهان کي پنهنجي استاد محترم جو ٿورائتو ٿيڻ گهرجي، جنهن اوهان کي ان لائق بڻايو." (نامعلوم)

جيڪڏهن ڪو به شخص، مناسب نموني سولائيءَ سان لکي ۽ پڙهي سگهي ٿو ۽ سادي نموني انگي حساب به حل ڪري سگهي ٿو مطلب ته لکڻ، پڙهڻ ۽ حساب حل ڪرڻ جا ٽيئي ڏاڪا چڙهي پار ڪري ٿو ته انهيءَ کي "پڙهيل" مڃيو وڃي ٿو. پوءِ هيءُ/هيءَ ننڍڙو يا ننڍڙي ٻالڪ هجي، يا هاورڊ يونيورسٽيءَ جو يا يونيورسٽيءَ جِي پروفيسر. ٻئي معصوم، پر هڪ اٿم ٻم ٺاهيندڙ به ٿي سگهي ٿو/ ٿي سگهي ٿي ۽ ڪنهن ملڪ جو/جي صدر يا وزيراعظم هئڻ جي وڏائي رکندڙ به ٿي سگهي ٿو/ٿي سگهي ٿي.

اسين سمجهون ٿا ته پڙهائي علم ڏانهن ويندڙ پيچرو ٿئي ٿي، ۽ اتان ٿِي اهو پيچرو انسانيت تائين وڃي رسي ٿو. سڀ سائنسون، فارمولائون، ۽ عقل جي ڪسوٽيءَ تي پرکيل حقيقتون (QEDs)، معروضي سچَ جي ڳولائو/ طالبَ (secker) کي علم ۽ آگاهي آڻي ڏين ٿيون. اسان جي مردن توڙي زالن

ڪي وينتي ۽ اپيل ايتري ئي آهي، تہ هڪ انسان جي حيثيت سان، مهرباني ڪري "پاڻ سڃاڻو" (Know them self).

پڙهائيءَ جي اهڙي وصف ـ تہ علمُ، هن ڌرتيءَ تي جيونَ ـ جوت، ميٺ محبت ۽ قرب قرار آهي — ڪان پوءِ انهيءَ پڙهائيءَ ڏانهن ماڻڻ جوڳي طريقي لاءِ اسين رڳا ڏانهن اُسهون ٿا.

اسان جو ملڪُ، پنهنجي پڙهائيءَ تائين پهچ ۾ ڪٿي بيٺو آهي؟ اها اسان لاءِ خوشقسمتي ڇئبي، جو انهيءَ سوال جو جوابُ، اسان کي توڙي اسان جي وطن واسي مردن توڙي عورتن کي، هتي اسان جي ئي ملڪ ۾، يونيسڪو جي سربراهہ ڏنو آهي. انهيءَ جو پورو متن، جيئن اهو ڊان، بتاريخ 20 اپريل 2008ع ۾ ڇپيو، تيئن ٻيهر پيش ڪيو وڃي ٿو.

پاڪستان جي پڙهائي شرح اڃا سوڙو 50 سيڪڙو آهي: يونيسڪو

پاران: بختاور ميان.

اسلام آباد، 19 اپريل: يونيسڪو ٻڌاندر پاڪستان ۾ پڙهائي شرح، خاص سببن جهڙوڪ گهٽ بجيٽ مختص ڪرڻ، سياسي ارادي/عزم جي اڻاٺ ۽ فندن جي ڦهلاءَ ۾ دير جي ڪري، اڃا تائين 50 سيڪڙي تي ٽِڪَ ٻڌي بيٺل آهي.

هن خطي ۾، پاڪستان رڳو نيپال ۽ بنگلاديش کان مٿئين درجي تي آهي، جن جي پڙهائي شرح، ترتيبوار 49 ۽ 43 سيڪڙوآهي، ٻين ملڪن جي شرح ڪافي بهتر آهي: مالديپ 96 سيڪڙو، سريلنڪا 91 سيڪڙو ۽ ڀارت 61 سيڪڙو.

"پارليامينٽري ڪاڪس آن لٽريسي اِن پاڪستان" پاران اهتمام ڪيل هڪ تقريب کي خطاب ڪندي، يونيسڪو جي نمائندي ارشاد سعيد خان چيو تہ ملڪ ۾ پنج ڪروڙ پنجاهہ لک اڻپڙهيل ماڻهو آهن، جنهن ڪري، ملڪ لاءِ نئين هزاريءَ (Millennium) ترقيءَ وارن هدفن (MDGs) موجب ماڻهن ۾ ناڪاميءَ جا خطرا پيدا ٿي پيا آهن.

هن چيو تہ جيڪڏهن درست اپاءَ نہ ورتا ويا، تہ ممڪن آهي، تہ 2010ع تائين اڻپڙهيل ماڻهن جي شرح وڌيڪ وڌي وڃي 60 سيڪڙي تي پهچندي

سنڌ، تعليم ۾ سڀ کان اوچي شرح رکي ٿي، جيڪا 54 سيڪڙو بيهي ٿي. انهيءَ جي پويان قطار ۾ پنجاب 52 ۽ سرحد 40 سيڪڙي سان بيٺل آهن. بلوچستان جي شرح سڀ کان گهٽ، 33 سيڪڙو آهي.

يونيسڪو ڄاڻايو آهي، ته ڪمزور تنظيمي ڍانچي، گهٽ پيشيوارانه صلاحيت، تحقيق جي اڻهوند، موافق تربيتي ادارن جي عدم دستيابي، گهٽ عوامي جاڳرتا ۽ نظرداري ۽ ڪارڪردگيءَ جي جاچ سرشتي جي کوٽ وارن عنصرن جي ڪري پڙهائيءَ جي شرح هيٺينءَ سطح تي بيٺي آهي.

1973ع جي آئين جو فقرو: 37، (ب) چوي ٿو: "رياست گهٽ ۾ گهٽ ممڪن وقت اندر، ٻي علمي جي خاتمي ۽ ثانوي سطح تائين لازمي ۽ مفت تعليم جي بندوبست لاءِ ذميوار هوندي"

محترم ارشاد سعيد چيو ته، سورهن سياسي جماعتن، جن ۾ پ پ پ، مسلم ليگ (ن)، عوامي نيشنل پارٽي، جمعيت علماءِ اسلام (ف) ۽ بلوچستان نيشنل پارٽي (عوامي)، بلوچستان نيشنل پارٽي (مينگل) جماعت اسلامي، پختون خواهه ملي عوامي پارٽي ۽ نيشنل پارٽي شامل آهن، انهن تاريخ 5 فيبروري 2008ع تي " تعليم سڀني لاءِ" اعلان نامي تي صحيحون ڪيون آهن، جنهن ۾ انهن تعليمي بجيٽ جي ڊي پي (GDP)، جي 4 سيڪڙي تائين وڌائڻ، پڙهائيءَ لاءِ تعليمي بجيٽ مان گهٽ ۾ گهٽ ڏهه سيڪڙو مقرر ڪرڻ ۽ غير رسمي تعليم مفت ۽ لازمي مهيا ڪرڻ ـ 100سيڪڙو داخلا شرح ماڻڻ واسطي، 2015ع تائين بالغ پڙهائي 86 سيڪڙي تائين پهچائڻ، سياسي مداخلت ۽ مُقررين ۾ اقربا پروري روڪڻ، تعليمي عملي جي بدلين جي خاتمي ۽ بنيادي نصاب جي هڪجهڙائيءَ ۽ سڀني اسڪولن ۾ ساڳين سهولتن جو واعدو ڪيو آهي.

يونيسڪو هڪ بنيادي حق طور، ثانوي تعليم تي قانون سازي ڪرڻ، تعليمي بجيٽ کي جِي ڊِي پِي، جي 4 سيڪڙي تائين کڻي وڃڻ، سڀني ٻارن لاءِ برابر موقعن کي يقيني بنائڻ تي زور ڀريو آهي، ڇاڪاڻ ته، پاڪستان يونيسڪو جي " تعليم ۾ تفريق خلاف ڪنوينشن" (Convention Against Discrimination in Education) جي توثيق ڪئي آهي."

مٿين بيان مان، اها ڳالهه چٽي آهي ته جيڪڏهن اسين، هاڻوڪي قومي ڪاهليءَ واري حالت مان پنهنجي پاڻ کي بيدار ۽ سجاڳ نٿا

ڪريون. تہ اسان جا نئين Millennium ۾ ترقيءَ وارا هدف (MDGS) تعليم ۽ پڙهائيءَ جي نسبت ۾، وڏي خطري ۾ آيل آهن. ائين ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيڻ کان پوءِ، تي سگهي ٿو تہ ڪجهہ وقت اندر اسان تي دنيا ۾ سڀ کان وڏيڪ اڻپڙهيل قوم جو ٺپو بہ هنيو وڃي. اهڙيءَ ريت، اُهي - سياسي عزم ارادو ۽ دلچسپي ئي آهن، جيڪي هاڻوڪي موڙ تي ترجيحي طور گهربل آهن. اچو تہ "اقراء" لفظ – رب سائينءَ جو لفظ – پڙهون ۽ پاڻ سڀ جا سڀ، "تعليم سڀني لاءِ" اصطلاح ۾ دخلڪار بڻجون.

ان چوڻ کان پوءِ، اسين اهو پڻ ڏسون ٿا تہ متينءَ رپورٽ ۾ پاڪستان جي مڙني وفاقي وحدتن مان، خوشيءَ جي اهڃاڻ طور سنڌ لاءِ، سڀ کان وڌيڪ پڙهائي شرح جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. پر اهو شايد ڪراچيءَ، حيدرآباد ۽ سنڌ جي ٻين وڏن شهرن جي سبب آهي، جتي گڏيل پڙهائي شرح 60 سيڪڙي جي لڳ ڀڳ بيهي ٿي. جڏهن تہ 80 سيڪڙو آبادي، جيڪا ڪچين آبادين ۽ ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ رهي ٿي، اها اجا تائين قطعي طرح اڻپڙهيل آهي. جيڪڏهن آباديءَ وارو فارمولو ڪتب آڻيون، تہ ڪراچيءَ ۽ ٽن ٻين وڏن شهرن، جهڙوڪ حيدرآباد، نوابشاهہ ۽ سکر ۾ هڪ ڪروڙ اڻپڙهيل ماڻهو رهن ٿا، تہ پوءِ باقي سنڌ جي ٻهراڙين ۾ رهندڙ سموري آبادي ڪهڙي ڪاتي ۾ آهي، جيڪا چار ڪروڙ وڃي بيهي ٿي، انهيءَ ۾ ڪچين آبادين ۽ ٻهراڙيءَ وارن علائقن، جتي پڙهائي شرح وڌ ۾ وڌ پنج سيڪڙو آهي، ان ۾ رهندڙ خلق شامل آهي. تنهنڪري، جڏهن اسين انگ اکر پيٽيون ٿا يا انهن جي تورتڪ ڪريون ٿا، تہ سنڌ ۾ پڙهائيءَ جي ٿلهي ليکي ڪيفيت/ صورتحال 18.75 سيڪڙو اچي بيهي ٿي، ٻئي حساب ۾ چئون تہ 18 سيڪڙو جيڪو متين رپورٽ ۾ ڄاڻايل 54 سيڪڙي کان ٽيڻ تي گهٽ آهي. اهو آهي اسان جي پاڪستاني ڪامورن جو ڪرشمو! اهي انگن اکرن ۾ ڌوهہ ڪرڻ ۾ وڏا ڪي استاد/ آڙيڪاپ آهن. اهي انگن اکرن ۾ قوڪٽي وانگي هوا ڀري، وڏو ڪري پيش ڪندا آهن، ۽ مرضي پڄيڻ تہ انهن مان هوا ڪڍي، ڪين گهٽائي ۽ سُسائي ڇڏيندا آهن. مثال طور غربت لاءِ هڪ ڏينهن چوندا، تہ اها پاڪستان ۾ 33 سيڪڙو آهي، تہ ٻئي ڏينهن چوندا، تہ اها 23 سيڪڙو آهي. ساڳيءَ طرح، اهي پڙهائيءَ جي سڄي شماريات ۾ وڏي استاديءَ سان، هٿ جي صفائيءَ جو ڪمال مظاهرو ڪندا

آهن، يعني حقيقتن تي سوچڻ سمجهڻ کان سواءِ انهن (انگن اکرن) کي وڏائي چاڙهي ڇڏيندا آهن. سچي دنيا ڄاڻي ٿي تہ پڙهائي ۽ غربت هڪٻئي سان ابتڙ ڳانڍاپو رکندڙ معاملا آهن. جيڪڏهن هڪ پئي وڌندي تہ ٻي پئي گهٽجندي. اهي ٻئي معاملا هڪٻئي سان مخالف نسبت ۾ هئڻ طور سڃاڻپجن ٿا. جيڪڏهن گڏيل قومن جي اداري جا صاحب لوڪ، خاص طرح سنڌ جي ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۽ ڪچين آبادين جو هڪ ڦيرو ڏئي، چڪر ڪاڻين، تہ اهي ڄاڻندا تہ اتان جو 95 سيڪڙو عوام اڻپڙهيل آهن. تنهنڪري اسان عزت مآب يونيسڪو جي سربراهہ کي اها وينتي ڪنداسين، تہ پاڻ گڏيل قومن جي اداري جي ماتحت پنهنجن ادارن کي اهڙي هدايت ڪن تہ اهي انهن انگن اکرن جي، اڪيون پوري پوئواري نہ ڪن. جيڪي ڪين هتان جو ڪامورڪو طبقو فراهم ڪري ٿو. پر، انهيءَ جي ابتڙ اهي ادارا پاڻ وڃي پاڪستان جي ٻهراڙيءَ واري علائقن ۽ ڪچين آبادين ۾ اڻ - اڻ رجسٽر ٿيل (unregistered) ڳوٺن ۾ پڙهائيءَ يعني مناسب سولائيءَ سان لکڻ ۽ پڙهڻ ۽ سادي نموني انگي حسابن حل جي معيار (3Rs)پٽاندر، سروي منعقد ڪن. انهيءَ طريقي ئي اُهي اهو ڄاڻي، ڏندين آڱريون ڏيئي رهجي ويندا، تہ اڻ - پڙهائي ۽ غربتَ، سئو سيڪڙو ساڳيءَ حالت ۾ آهن. نہ هڪ سيڪڙو گهٽ، نہ هڪ سيڪڙو وڌ....! اڻ - پڙهائي ۽ غربتَ هڪ ٻہ سِڱئي راڪاس جو نالو آهي: هڪ سِڱي جهالت جي، ۽ ٻي سِڱي ناداريءَ/ مفلسيءَ جي.

سنڌ جي ٻهراڙين ۽ سندس ڪچين آبادين ۾ تعليم ۽ پڙهائيءَ جي حقيقي حالت

پاڪستان جي 1973ع واري آئين پٽاندر"رياست، گهٽ ۾ گهٽ ڄاڻايل (طئہ ڪيل) عرصي اندر بي علمي جي خاتمي ۽ ثانوي سطح تائين مفت ۽ لازمي تعليم جي بندوبست لاءِ ذميوار هوندي" انهيءَ خاطريءَ هوندي بہ، حقيقي صورتحال هيءَ آهي تہ اهڙي رياستي ذميواري، وقت سان گڏ نيائجي وڃڻ ۽ عمل ۾ اچڻ بدران لاڳيتي اينگهامجندي پئي وڃي.

پرائمري اسڪولن، خاص طرح انهن مان سنڌي ذريعي تعليم وارن اسڪولن جي هلت بابت ڇا چئجي، تورو ڇيو ئي گهٽو ڄاڻجي. انهن مان

گهٽن جو وجود رڳو ڪاغذي آهي، پر، عملي طرح سندن ڪو نانءُ نشان ئي نہ آهي. سڄيءَ سنڌ ۾ تعليم، پرائمريءَ وسيلي بنيادي (elementary) تعليم ڪان ويندي ثانوي تعليم تائين، جي بدعنوانيءَ بابت ڇا ٻڌائجي! هاڻ تہ ان لاءِ ڪابہ وڌيڪ جاءِ ۽ گنجائش باقي نہ بچي آهي.

ٻهراڙين واري سنڌ ۾ غربت جي حقيقي حالت جو مختصر جائزو

سياسي مفادن سان، شهري ۽ ڳوناٽي سنڌ وارو پيدا ڪيل متاڇرو ۽ هٿ ٺوڪيو ورهاڱو هڪ لڳ ڪانڊاريندڙ ڏيک ڏئي رهيو آهي- جيڏانهن بہ اکيون ڦيري ڏسو، جيڪڏهن اوهين ڪراچيءَ کان نٽي ننگر ڏانهن ويندا، تہ گهگهر ڦاٽڪ کان پوءِ (قائد آباد کان ويهن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي)، اوهين ڏسندا تہ اصلوڪا رهواسي اڃا تائين اونداهي دور ۾ جِي رهيا آهن. اهي چڙوچڙ ڪکائين جهوپڙين ۾ رهن پيا. انهن جون زائفائون، مٿي تي پراٽا گهڙا کڻيو، پيرين پنڌ، ميلَ پري کان پيئڻ جي پاڻي پرڻ لاءِ ويندي ڏسبيون، سو بہ اگهاڙي پيرين، ليڙون ليڙون لٽن ۾، تن جا ٻار ۽ ٻڍا، ڪراچيءَ ۽ ٻين شهرن ڏانهن بيک مڱڻ لاءِ وڃن ٿا! سچ پڇ تہ انهيءَ (شهري ۽ ٻهراڙيءَ واري) ورهاڱي وسيلي پيدا ڪيل فرق کي ڏسي، ماڻهوءَ جو ڪنڌ شرم وچان جهڪيو وڃي. هڪ پاسي، رڳو ڦاٽڪ کان ويهہ ڪلوميٽرن جي پنڌ تي، دولت (۽ سک) جي وَهَڪَ ۽ گهڻائي آهي، تہ ٻئي پاسي غريبي ۽ مفلسي، پنهنجيءَ پوريءَ ٻي ڊپائيءَ سان ڪر کنيو بيٺي آهي. غربت جي اهڙي ڪيفيت، ٿوري گهڻي فرق سان، سنڌ جي سمورين ٻهراڙين وارن علائقن ۾ ساڳي آهي.

هاڻي رٿا جو خاڪو پيش آهي، جنهن پٽاندر پنجن ورهن ۾ سو سيڪڙو پرائمري ۽ پنجاهہ سيڪڙو بالغن جي تعليم حاصل ڪرڻي آهي. 2015ع تائين سنڌ جي ٻهراڙين ۽ ڪچين آبادين ۾، بنيادي تعليم تائين پهچ ۽ بالغن جي لڳ ڀڳ مڪمل پڙهائي حاصل ڪرڻي آهي، ۽ هن رٿا ۾ اهي اپاءَ ڏنا ويا آهن جن وسيلي هاڻوڪي سنڌ سرڪار جي رهنمائيءَ، نگهبانيءَ ۽ مالي مدد سان، انهيءَ ٻہ - مُنهين راڪاس- غربت ۽ جهالت- سان هڪ ئي وقت مهاڏو اٽڪائڻو آهي.

الف: بنيادي ۽ ثانوي تعليم

- بنيادي سطح، پرائمريءَ کان ٻه اڳ واري، کان ثانوي سطح تائين تعليم لازمي ۽ مفت ڪندي ۽ سرڪار سنڌ جي ڳوٺاڻن علائقن ۽ ڪچين آبادين جي غريب ٻارن جا سمورا تعليمي خرچ پنهنجي ذمي ڪندي
- سيني ٻارن، (ٽن کان ارڙهن ورهين تائين) کي اسڪولي تعليم جي چانوَ ۾ آڻڻ لاءِ مالي مدد رعايت ڏني ويندي. جنهن پٽاندر ٽن کان پنجن ورهين تائين، جي ٻار کي بنيادي تعليم پرائڻ جي واسطي ماهوار 100رپيا ڏنا ويندا. ڇهن کان ڏهن ورهين تائين، جي ٻار کي پرائمري تعليم پرائڻ لاءِ ماهوار 300رپيا. يارهن کان چوڏهن ورهين تائين، جي ٻار کي بنيادي (elementary)تعليم جاري رکڻ لاءِ ماهوار 400 رپيا. ۽ پندرهن ورهين جي ٻار کان ارڙهن ورهين جي ٻار کي، ثانوي تعليم پرائڻ لاءِ 500 رپيا ماهوار ڏنا ويندا.
- سرڪار هر هڪ ڳوٺ کي پرائمري اسڪول لاءِ هڪ عمارت مهيا ڪندي. جيڪا ڳوٺ کان سڌ پنڌ تي موجود هوندي. پوءِ پلي اهڙي عمارت ترت دستياب ٿيندڙ مقامي سامان مان ئي جوڙي وڃي.
- ٻهراڙين ۾ جتي جتي ٻه پنجن هزارن ۽ ڏهن هزارن جي آبادي آهي، اتي، انهن مان هر هڪ کي سرڪار بنيادي ۽ ثانوي تعليم جي مقصد لاءِ اسڪول مهيا ڪري ڏيندي
- اسڪولن ۾ استادن ۽ عملي جي ڀرتيءَ لاءِ ملازمتن جا اشتهار ترت ڏنا ويندا. ۽ بيروزگار پڙهيل لکيل نوجوان، قانوني طريقي ڪار کان پوءِ اهليت جي بنياد تي مقرر ڪيا ويندا.
- تعليم کي معياري تعليم بنائڻ لاءِ، پرائمري، مڊل، ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي اسڪولن لاءِ نون ڀرتي ڪيل استادن کي ڇهن مهينن جي سکيا تجربيڪار ۽ سکيا ورتل استادن ذريعي ڏني ويندي
- شهيد بينظير ڀٽو انڪم سپورٽ پروگرام (BBISP) وسيلي سرڪار پاران مقرر ڪيل وظيفي کي ٻارن ڇوڪرن توڙي ڇوڪرين ۽ بالغن جي سرڪاري اسڪولن توڙي غير رسمي تعليم جي مرڪزن ۽ سکيا گهرن ۾ داخلا سان مشروط ڪيو ويندو.

(ب) بالغن جي تعليم

- بالغن جي تعليم کي سرڪاري طور لازمي بڻايو ويندو اُهي بالغ، جيڪي 19 ورهن يا انهيءَ کان مٿي ڄمار جا هوندا يا اهي پاڻ اهڙي تعليم پرائڻ لاءِ داخل ٿيڻ جا خواهشمند هوندا، انهن کي اسڪولن ۾ داخل ڪيو ويندو.
- هر هڪ تعليم پرائيندڙ (مرد توڙي عورت) کي، وظيفي طور ماهوار 200 رپيا ڏنا ويندا.
- سندن پڙهائي مرڪز پرائمري، ايليمنٽري ۽ ثانوي اسڪولن جي ساڳين عمارتن ۾، شام جي وقت، انهن اسڪولن ۾ مقرر ڪيل ساڳين ئي استادن وسيلي هلايا ويندا. انهن لاءِ کين واڌو رعايتون ڏنيون وينديون.
- پڙهائي مرڪزن جو وقت روزانو ٽي ڪلاڪ هوندو.
- عورتن ۽ مردن لاءِ ڌار ڌار ڪلاس موجود هوندا.
- اهو غير رسمي تعليم جو هڪڙو ئي ۽ ساڳيو قسم هوندو ۽ اها هر پيري ٻن سالن لاءِ هوندي، ۽ غيرسرڪاري تنظيمن (اين جي اوز) يا برادرين جي بنياد تي جوڙيل تنظيمن (سي بي اوز) وسيلي انهيءَ جو انتظام هلايو ويندو. هن قسم جي تعليم لاءِ خاص جداگانو نصاب تيار ڪيو ويندو. ايس پي او ۽ ٻين تنظيمن بالغن جي تعليم جو ڪم ڪيو آهي. سندن طرفان بہ بالغن جي تعليم لاءِ ڪتاب ڇپايا ويا آهن، جيڪي بالغن جي نصاب ۾ شامل ڪري سگهجن ٿا.)

سيني بالغن جي تعليم وارن مرڪزن ۾، داخل مردن توڙي عورتن لاءِ مقامي هنرن سکڻ لاءِ مهارتي سکيا (skill_training) جو بندوبست هوندو جن کي ننڍيا ننڍيا قرض پڻ ڏنا ويندا، تہ جيئن مهارتن کي، عملي شڪل ۾، پنهنجي پسند جي مستقل پيشي طور، اڳتي وڌائي سگهن.

هن سلسلي ۾ بالغ عوتن جي تعليم لاءِ ليڊي هيلٿ ورڪر بہ هڪ بنيادي ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون.ا هي هزارن جي تعداد ۾ سنڌ اندر سرڪاري نوڪرين ۾ آهن جيڪي اڻ پڙهيل عورتن لاءِ صحت ۽ بهبود آبادي جا ڪم ڪري رهيون آهن. انهن کي موقعو بہ آهي تہ وقت بہ ـ تہ اُهي

سنڌن حد اندر اڻ پڙهيل عورتن کي بنيادي تعليم يا Literacy جا ڪورس ڪرائي سگهن ٿيون. ان طرح اهي هزارين هيلٿ ورڪر لکين اڻ پڙهيل ٻهراڙين، ڳوٺن ۽ ڪچين آبادين جي عورتن کي لفظ لکڻ پڙهڻ لائق بڻائي سگهن ٿيون. سرڪار سنڌن ڊيوٽيءَ ۾ اهڙين بالغ عورتن جي پڙهائڻ يا ننڍو حساب ڪتاب ڪرڻ ۾ شامل ڪري. ڪين اهڙا الائونس ڏي ۽ پڙهندڙ عورتن لاءِ ماهوار 200 روپيا في تعليم وٺندڙ لاءِ وظيفا بہ مقرر ڪري هيئَن بالغ عورتن ۾ زناني تعليم واچوڙي وانگي پکڙجي ويندي. هر ڪا بالغ عورت پنهنجي گهر ڳوٺ ۾ پڙهڻ چاهيندي ۽ سنڌن غربت کي بہ سهارو ملندو. جيڪڏهن وڌيڪ انهن کي بينظير شهيد انڪم پروگرام ۾ مختلف هنرن جون سکيائون بہ ڏنيون وينديون.

اهي ٻئي لازمي تعليم جا پروگرام، هڪ سيني ٻارن ۽ ٻالغن لاءِ، 18 ورهين جي عمر جي حد تائين، ۽ ٻيو اڻپڙهيل بالغن لاءِ، جيڪي 19 ورهن يا انهيءَ کان مٿي عمر جا آهن، ٻهراڙين ۽ ڪچين آبادين جي لڳ ڀڳ سموري آباديءَ کي پنهنجي عمل جي دائري ۾ آڻيندا، ۽ جيڪڏهن انهن تي پنجن ورهين تائين، باقاعدي ۽ رٿابنديءَ سان عملدرآمد ڪيو ويجي ٿو تہ اهي اسان کي 2015ع جي نئين هزاريءَ جي ترقيءَ وارن هدفن جي ويجهو پهچائي ڇڏيندا، ۽ اهي ٻهراڙيءَ واري سنڌ ۽ ڪچين آبادين کي، (شهر ۽ ٻهراڙيءَ واري) فرق ۽ ويڇي کي ميساري، ۽ هڪ قوم طور سنڌن اوسر کي هٿي ڏيندي، شهري سنڌ جي برابر آڻي بيهاريندا.

ٻئي پروگرام لاڳو ڪيئن ڪبا ۽ انهن جو انتظام ڪيئن هلائبو؟

(الف) پڙهائي جاڳرتا ٽيمون:

ٻنهي پروگرامن شروع ڪرڻ کان اڳ، پڙهائي/خواندگي جاڳرتا ٽيمون (Literacy Awareness Teams) جوڙيون وينديون، جيڪي ضلعي سطح تي ڪم ڪنديون. انهن ٽيمن ۾، لاڳاپيل ضلعي جي استادن-مردن توڙي عورتن- ۽ ليڊي هيلٿ ورڪرن کي شامل ڪيو ويندو. اهي ٽيمون سنڌ جي سمورن ضلعن جي ڪچين آبادين ۽ ٻهراڙين جي هر هڪ گهر ۾ وينديون، انهن کي سرڪار پاران رٿيل پروگرام کان آگاهي ڏينديون، ۽ هر گهر جي مائٽن کي، ٻنهنجن ٻارن-ڇوڪرن توڙي ڇوڪرين کي اسڪولن ۾ داخل ڪرڻ لاءِ آماريندیون. ان کان سواءِ، وڏي عمر جي ٻارن توڙي بالغن کي تعليم پرائڻ لاءِ اتساهينديون.

انهيءَ ڪم لاءِ ٽيمن تي ڪنيل استادن توڙي استادياڻين ۽ ليڊي هيلٿ ورڪرن کي خاص ۽ سرڪاري پگهار کان الڳ مالي رعايت ڏني ويندي.

هر ڪنهن پڙهائي جاڳرتا ٽيم کي، جاڳرتا جي اهڙي مهم کي پوري ڪرڻ ۽ واپس سرڪار کي رپورٽ ڪرڻ لاءِ ڇهن مهينن جو وقت ڏنو ويندو.

(ب) عمل درآمدي طريقيڪار

ٻنهي پروگرامن- ايليمينٽريءَ وسيلي پرائمريءَ کان ثانوي ۽ بالغن جي پڙهائيءَ – کي سنڌن سمورن ڍانچن، انتظاميائن ۽ عملي سميت 'ضلعي عمل درآمدي' ڪاميٽين جي انتظام ۾ ڏنو ويندو جن مان هر هڪ کي "بنيادي تعليم ۽ غربت گهٽائڻ لاءِ ضلعي 'ست' ڪاميٽي" سڏيو ويندو. ۽ اها مقامي تعليمي ۽ تدريسي عملدارن، مڪاني حڪومت جي هڪ

نمائندي ۽ ضلعي ۾ تعليمي ڪمن جي حوالي سان سٺي ساک رکندڙ هڪ غير سرڪاري تنظيم (اين جي او) جي هڪ نمائندي تي ٻڌل هوندي.

(ت) وزيرِ تعليم طرفان نظرداري ۽ ڪارڪردگيءَ جي جاچ

هڪ الڳ ڪاميٽي ٺاهي ويندي. جنهن تي ضلعي سان تعلق رکندڙ مقامي تعليم يافته/ اديب مرد ۽ عورتون ۽ تعليمدان ڪنيل هوندا. اها ڪاميٽي "ست" جي پروگرامن جي اوسر/ ڪارڪردگيءَ بابت سڌيءَ ريت تعليم واري وزير کي رپورٽ ڪندي. هيءَ ڪميٽي ٻه هر مهيني ست تحريڪ سان ضلعي صلاح مصلحت ڪندي ۽ تجويزون ڏيندي رهندي.

(ث) هي سڄو تعليمي ڪم سنڌ سرڪار ۽ Donor Agencies (امداد ايجنسين) جي گڏيل معاهدي هيٺ عمل ۾ آندو ويندو يا سنڌ حڪومت ۽ اين جي اوز مقامي سطح تي وسيلا گڏ ڪنديون.

سنڌ تعليمي تحريڪ جو سرپرست اعليٰ
چيف منسٽر سنڌ

سنڌ تعليمي تحريڪ جو چيئرمين
ايڊيوڪيشن منسٽر سنڌ

ست تحريڪ جا باني ميمبر
۽ مددگار

ست تحريڪ سان لاڳاپيل
سنڌ تعليمي کاتي جا عملدار
۽ ڪنسلٽنٽ

مستقل هيڊ ڪوارٽر ست تحريڪ
ڪراچي

عارضي هيڊ ڪوارٽر
ٺٽو

موجوده سنڌ جي ضلعن جا شهر

سنڌ ضلعي هيڊ ڪوارٽرن ۾ ست تحريڪ جون ضلعي شاخون

انهن ٻنهي پروگرامن هيٺ، جيڪڏهن اهي گهربل سنجيدگيءَ سان ۽ وقت وڃائڻ کان سواءِ شروع ڪيا ويا، ته ڪي ٻه ڪروڙ بالغ، خاص طرح سان غريبي گذر وارا ۽ ٻي زمين هاري، پڙهيا لکيا بڻجي پوندا. واڌو ڳالهه هيءَ آهي ته انهيءَ دوران سنڌ جا پنجن ورهين جي ڄمار ۾ پرائمريءَ ۾ داخل ڪرايل ٻارڙا (ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون) پنهنجي پرائمريءَ جا پنج سال پورا ڪري سگهندا. اهڙي صورتحال حقيقي معنائن ۾، سنڌ ۾ مڪمل پڙهائيءَ جي ماڳ تائين وڃي ويندي ۽ ايئن اها 2015ع تائين، تعليمي خيال کان، لڳ ڀڳ نئين هزاريءَ جي ترقيءَ وارن هدفن جي برابر وڃي بيهندي

سمجهڻو ۽ سمجهائڻو هيءُ آهي ته اهي ٻئي پروگرام مادري زبانن ۾/ لاءِ منعقد ڪيا ويندا ـ سنڌي ۽ اردو لازمي مضمون (ثانوي ٻولي طور) ٽئين درجي کان، ترتيبوار اردو ۽ سنڌي ٻارڙن لاءِ متعارف ڪيا ويندا. ويندي پنجين درجي تائين، ۽ انگريزي، هڪ ويديشي/ ٻاهرين ٻوليءَ طور، پنجين/ ڇهين کان پاڙهي ويندي، ويندي مٿين درجن تائين.

هيءَ ڳالهه پڻ سمجهڻي آهي ته هاڻوڪي سنڌ سرڪار فوري طور تعليم واري اسم کي، ڪلي طرح هڪ صوبائي اسم/ اختيار طور اعليٰ ثانوي ڏاڪي يعني ٻارهين درجي تائين، پنهنجي هٿ ـ وس ڪندي

هيءَ ڳالهه پڻ ياد رکڻ گهرجي ته تعليم جي معاملي ۾، ترقيءَ جي ٻئي ڪنهن کيتر وانگي، حقيقي سياسي ۽ مالي خود مختياريءَ جي مڪمل اپاءَ کان سواءِ، صوبن ۾ ڪا به مُلهائتي ۽ ڳٽپ جوڳي ڪاميابي ماڻي نٿي سگهجي.

ibrahimjoyo@yahoo.com.

سنڌ جي سيني رهواسين کي پُڪار

هيءَ ٻولي پنهنجي ٻولي آ
هي ڌرتي پنهنجي ڌرتي آ

الله الله! هيءَ محبتين جو جهان جنهن ۾ آءٌ 35سالن کانپوءِ انهن ماڻهن سان وينو آهيان، جن جا سنڌ جي تاريخ ۾ سونا نالا آهن- سڀ کان ننڍي کان ننڍي جو نالو آهي، دودو سڀ کان وڏي کان وڏي جو نالو آهي امير بخش جوڻيجو سنڌ جي تاريخ ۾ هي سونا نالا سدائين زنده رهندا ۽ آءٌ ڀانيان ته هڪڙي ڏينهن جڏهن سنڌ ۾ سنڌي يونيورسٽي ٺهي ويندي انهن تي اهي ٻاهرينءَ گيٽ تي سون سان لکيا وڃن.

رت ۾ سَت وارا هي نالا وري
موتين سان جَڙيا وڃن!

هي وري 1971ع وارو زمانو اچي ويو آهي، ساڳيو آگسٽ جو مهينو جنهن ۾ آءٌ هٿن ۾ لوهه جون زنجيرون لڙڪائيندو اسٽيشن روڊ تان حيدر آباد جي گهٽين مان ڇڻڪائيندو ڪورٽ سڳوري ڏانهن ايندو ويندو هوس- سنڌي ٻوليءَ جي ڏوهه ۾ ٻيلي، اهڙن لوهه جي زنجيرين کي ٻه هٿي سون جو ڀاڱي ڏيارجو- اُنهيءَ سنڌ يونيورسٽيءَ جي گيٽ جي اڳيان.
اڄوڪي مبارڪ ڏينهن کان پوءِ، هن سنڌي ٻوليءَ جي ڏهاڙي کان پوءِ، اڄو ته وري قسم کڻون ته سنڌ ۾ هاٿي سنڌ تعليمي تحريڪ شروع ڪنداسين- 'ست تحريڪ' جنهن ۾ سنڌ جي سيني ننڍين وڏن، پنهنجن پراون، کي سنڌي تعليم ڏيڻ شروع ڪنداسين، جيسين تائين سنڌ ۾ هيءَ اصلي خدائي ٻولي رڳو سنڌي ئي سنڌي ٿي نه آهي!

حق حقيقي هيڪڙو ٻولي ٻي مَ ڀُل،
هو هُلاچو هُل، باالله سندو سچڻين.

الله هن قوم کي اهائي ٻولي ڏني ته اُها سڄيءَ دنيا کي، امن محبت ۽ ڀائيچاري جو پيغام ۽ سدائين سڪار جون دعائون ڏيندي رهي:

سائينم سدائين ڪري مٿي سنڌ سڪار،
دوست منو دلدار عالم سڀ آباد ڪري!

هن کان وڏيڪ دُعا، دنيا لاءِ، سڄي انسان ذات لاءِ، ٻي ڪابہ ڪانهي. ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ڪونهي. مون سڀ ڪتاب اٿلائي پٿلائي ڏٺا آهن.

سو هاڻي ڇا ڪريون؟

1_ سنڌ جي گهر گهر ۾ اها ٻولي سيکاريون.
2_ سنڌ جي ماڻهوءَ ماڻهوءَ کي اها دعا ياد ڪرايون، تہ سنڌ ۾ سيني رهندڙن جو بہ ڀلو ٿئي ۽ سڄيءَ انسان ذات جو بہ ڀلو ٿئي.

اڇو تہ پهرين پنهنجي پنهنجي گهر کان اهو ڪم شروع ڪريون. سيني گهرجي ڀاتين کي اها دعا ياد ڪرايون. انهن سيني کي صبح جو سوير هٿ کڻائي اها سيکاريون. هن دعا ۾ سنڌي تقدير آهي، هن ۾ پنهنجي ڀلائي ۽ ٻين جي ڀلائي آهي. ٻين جي ڀلائيءَ ۾ ئي پنهنجي ڀلائي آهي.

ان کان پوءِ ٻيو ڇا ڪرڻ گهرجي؟ جيڪو بہ سنڌ جو رهاڪو آهي، سنڌ جو کائي پيئي ٿو، خدا جو رزق سنڌ ڌرتيءَ تان ئي کيس ملي ٿو ان کي هيءَ خدائي دعا سيکاريون، ياد ڪرايون، هٿ مٿي ڪرائي هيءَ دعا گهرايونس، جيئن گهڻن هٿن چپر ڪجي پوي، سنڌ جي ڀلائي ٿئي دنيا جي ڀلائي ٿئي. سنڌ تان، سنڌو ماتر تان، دنيا تان، هن دعا جي اثر سان ڪارا ڪڪر هٽي وڃن، ڏڪار ختم ٿي وڃي، سڪار موٽي اچي، نفرتن جا سايا هٽي وڃن، سنڌ تي "سائينم" جو سج اڀري تہ محبتن جا ميلا لڳي وڃن.

سو اها دعا، سائين! اسان جو ڪُل سنڌي ڪلچر آهي، هن ۾ اسان جو ماضي حال مستقبل آهي. هن دعا ۾ ئي سنڌي ٻوليءَ جو مستقبل آهي. سو هن ڏهاڙي جي پُڄاڻيءَ اها ئي دعا سڀ گڏجي خدا کان هٿ کڻي گهرون. ۽ سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ ۾ عام ڪرڻ جي ڪم ۾ لڳي وڃون.

هاڻ اهو ڪيئن ڪريون؟ ڀيربائين!

سڀ گڏجي، سنڌي تعليمي تحريڪ جو سنڌ ۾ بنياد وجهون. اُها ست يا سچ تحريڪ آهي. سچ خدا بہ آهي خدا سچ بہ آهي ۽ اهو سچ لکيل لفظ مان ظاهر ٿئي ٿو. هر شيءِ خدا جو اظهار آهي، پر لکيل لفظ وري هر شيءِ جو اظهار آهي. ان اظهار کي پنهنجي واتان بہ چئون تہ لکندا بہ ڪريون. وات وارو لفظ غائب ٿي وڃي ٿو پر لکت وارو سدائين قائم رهي ٿو. Word is God ۽! "پڙهہ پنهنجي رب جي نالي سان" ڀيريون سبق آهي. سو اُن سچ جي نالي سان هن تحريڪ جو اجراء ڪريون. جتي ڪٿي سنڌ ۾ ڪريون ۽ هي شاهہ سائينءَ جو بيت پڙهي ڪريون.

الهہ جيئن نالوءِ تيئن مون وڏو آسرو
خالق تنهنجي ڪانڌ جو پَرو پاندُ نہ ڪوءِ
نالو رب سندوءِ رهيو رهبر آهيم روح ۾.

خالق جي نالي جي مناڻ ۽ محبت جو ڪو پرو پاند ڪونهي. اُن ڪنڊ پرٿي مني نالي کي ڀيرين پنهنجي وات ۾ وجهون. پوءِ سندس ست تحريڪ سڄيءَ سنڌ ۾ جتي ڪٿي قائم ڪري وجهون. اها هينان کان مٿي اپري مٿان کان جيڪي تحريڪون اپريون تعليمي يا سماجي، اهي پنهنجو موت پاڻ مري ويون. چاڪاڻ تہ اهي هينان کان ڪونہ ويون. ڪو وڻ توهان آسمان ۾ ڪونہ ٿا هڻي سگهو زمين تي هڻي سگهو ٿا. جنهن جي پاڙ کي انگريزيءَ ۾ grassroots چئبو آهي. جتان سڀ گاهہ ڦٽن ٿا. اڄو تہ پنهنجي سنڌ جي سرزمين تي انهن پاڙن کان ڪم شروع ڪريون. ٻهراڙين جي ٻارڙن ۽ ٻهراڙين جي استادن کان ڪم شروع ڪريون، ۽ پنهنجي هن قوم جا سلا پوکيندا ۽ انهن کي وڏا وڏا ميويدار ۽ ڦلدائڪ وڻ ڪندا اڳتي وڌون!

هن ست تحريڪ جا بنياد وجهندڙ جتي ڪٿي، هر واهڻ، ڳوٺ/ ننڍي وڏي شهر ۾. انهن جون سوين هزارين شاخون کلي وڃن ۽ هو سڀ گڏجي اهو قوم اڳيان هُجن جهد ڪن تہ اهي سنڌي ٻارن کي پنهنجو خدائي فرض سمجهي پڙهائيندا، ۽ ائين سنڌ جو قرض لاهيندا. اڄ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ 5 سيڪڙو مشڪل سان تعليم آهي، هو ان کي پنجن سالن اندر وڌائي

75سيڪڙو ڪندا. ننڍن کي بہ پڙهائيندا تہ وڏن کي بہ پڙهائيندا. جيئن هيءَ سنڌي قوم ڪر موڙي جاڳي ۽ چوي:

منهنجو ملڪ مليرَ قيدن ۾ آءٌ ڪيئن گذاريان؟

وڏيرن جي قيدن ۾، ميرن جي قيدن ۾، پيرن جي قيدن ۾ آمرن، جابرن، دهشتگردن جي قيدن ۾!

هن تحريڪ جا روح روان، سنڌي نوجوان هوندا. سڄيءَ سنڌ جا ساڃهوند استاد، اديب، شاعر، بي لوث سماجي خدمتگار. اُهي ست تحريڪ جو منشور گڏجي ٺاهي ان سنڌي استادن جي هٿن ۾ ڏيندا. اهو منشور نہ صرف تعليمي هوندو، پر تعميلي بہ هوندو، علمي بہ هوندو تہ عملي بہ هوندو. علمي: سڄيءَ انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ هوندو. لکيل لفظ رستي سنڌ مان امن محبت يا ڀائيچاري جو پيغام ۽ عملي: انهيءَ امن محبت ڀائيچاري جي پيغام لاءِ سنڌ، پاڪستان ۽ دنيا ۾ سيني سنڌين جي طرفان جدوجهد ۽ جدوجهد جو پيغام. ظاهر آهي تہ اهڙو پيغام محبت ميناج ۽ دلربائي وارو هوندو. ڪنهن بہ ڪلفت ڪوڙاڻ ۽ پاڻ وڏائيءَ وارو نہ هوندو.

هن منهنجي تقرير جو مقصد هو تہ توهان تائين اها ڳالهہ پهچايان تہ هيءَ ست تحريڪ رڳي سنڌي تعليمي تحريڪ ڪانهي، پر سنڌ تعليمي تحريڪ بہ آهي، يعني سنڌ جي طرفان دنيا کي امن جو پيغام پهچائڻ جي تحريڪ جيڪو پيغام اسان کي آدجڳاد کان مليو آهي.

هاڻي هن هيڏي وڏي ڪم لاءِ ڀٽ شاهہ ئي ست تحريڪ جو هڪ وڏو مرڪز هوندو. چاڪاڻ تہ اهو پيغام اُتان ئي اسان کي نئين سر سيڪاريو ويو. ست تحريڪ لاءِ، جيڪا پڻ دنيائي تحريڪ ٿي اڀرندي، ان لاءِ هڪ وڏو فنڊ بہ هوندو. اِهو ۽ ٻيا تفصيل اُن منشور ٺاهڻ وارا ٺاهيندا جيڪي اُن جا بنيادي ميمبر آهن ۽ اهي ٺاهڻ وارا بہ اڄ اوهان جي اڳيان ويٺا آهن. ڇهہ مهمان خاص ستين انهن کي اڳيان وٺي هلڻ واري ساٿي ٻين کي بہ انهن سان گڏيندي ۽ اهو منشور انهن کان ٺهرائيندي، نہ فقط اهو پر ان سان گڏ هنن کي سڄي سنڌ جي سفر تي بہ وٺي هلندي ۽ اهو منشور ورهائڻ، عام ڪرڻ. مون کي خبر آهي تہ اها ائين ئي ڪندي ڇاڪاڻ تہ سندس نالو رڳو فهميده

ڪونهي، پر هن ۾ پيو به ڪو نهر آهي، جنهنڪري ته رب سائينءَ ان تي اهو نالو رکايو.

هيءَ ست تحريڪ جيڪا هاڻي سيني جي ست تحريڪ به آهي. ان ۾ هاڻي ٻار، ڪراڙا، ننڍا وڏا مرد ۽ عورتون سڀ گڏ تي ويندا. سڀ هن ست يا سچ جي سفر تي هلندا، هڪٻئي مٽائڻن ٻلهار ٿيندا. مٽن گلن جي ورڪا ڪندا ۽ هڪ ٻئي سان وعدو ڪندا ته هو لکڻ پڙهڻ سکندا ۽ سچ جو پيغام ڏيڻ لاءِ اڳتي ڪٽي هلندا.

آخر ۾ آءٌ شاهه سائينءَ جي هن شعر سان سيني سنڌين کي اهو ٻڌائي به ڇڏيان:

لکين ڪيا لِسان سان، لاهوتين لوڙا،
گهوڙا ڙي گهوڙا، آءٌ نه جيئندي اُن ريءَ

" لسان" معنيٰ ٻولي. يعني علم ۽ شعور سان ئي توهان دنيا ۾ گوڙ شور ڪري سگهندا ۽ پنهنجي ڳالهه وڏي واڪ ڪري سگهندا. لکِي ڪري سگهندا. سنڌ جو پيغام پهچائي سگهندا پنهنجي جيئڻ ۽ ٻين جي جيئڻ جا حق وٺي سگهندا. نه ته افسوس! نڪو آءٌ، نڪو سنڌ جِي سگهندي. آءٌ به مري ويندس، مون سان گڏ اوهان جي سنڌ به مري ويندي. اوهان کي هي خدائي ڏنل پيغام به مري ويندو.

اڃوڪو ڏينهن بلڪل اڄوڪو ڏينهن هڪ خدائي معجزو آهي ته بلڪل اڄوڪي ڏينهن 45 سال اڳ جڏهن آمريڪا جي هڪ ڪاري هڪ خواب ڏٺو هو Luther King Junior، ته هڪ ڪارو آمريڪي، آمريڪا جو صدر ٿيندو ته ساڳئي ڏينهن بلڪل ساڳي ئي ڏينهن 40 سالن کان پوءِ وري هڪ حقير فقير جيڪو سنڌي هو تنهن به هڪ خواب ڏٺو هو. سو اڄ پورو ٿي رهيو آهي. سڀ پراڻا ساٿي اچي گڏ ٿيا آهيون. ان خواب کي حقيقت ڪرڻ لاءِ سنڌ ڌرتيءَ کي، سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ جيڪي پڻ ٻئي اسان وٽ خدا جون امانتون آهن. انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ، تنهنڪري هاڻ اسان جو نعرو هوندو:

هيءَ ٻولي پنهنجي ٻولي آ
هيءَ ڌرتي پنهنجي ڌرتي آ

هيءَ بہ امانت الله جي
هوءَ بہ امانت الله جي
اسان آدجڳاد کان ورتي آ
هيءَ ٻولي پنهنجي ٻولي آ
هيءَ ڌرتي بہ پنهنجي ڌرتي آ

ٻئي سانڍيندا سين ساهہ ڏئي
هيءَ بہ اسان جي سرتي آ
هوءَ بہ اسان جي سرتي آ
هيءَ ٻولي پنهنجي ٻولي آ
هيءَ ڌرتي بہ پنهنجي ڌرتي آ

اي پيڻ هيءَ توکي پرتي آ
اي ياءُ هوءَ توکي پرتي آ
اي پُٽ هيءَ توکي پرتي آ
اي ماءُ هيءَ توکي پرتي آ
هيءَ پرتي آ، هيءَ پرتي آ.

پڇاڙيءَ ۾ آءٌ هن ست جي سات کي اڳيان وٺي هلندڙ خدائي فهميده کي چوندس تہ پاڻ سڄي مجلس جي اڳيان اچي هٿ مٿي کڻي هيءَ دعا چوي ۽ ٻيا سڀ ٻيهي هٿ کڻي اُها ورجائين تہ شاهہ ڀٽائي عليہ بہ ڀٽ تان اُٿي ائين چوي تہ:

سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.

❊❊

سنڌ ۾ مجموعي تعليمي صورتحال جي بهتريءَ لاءِ ڪجھ تجويزون

– حميرا علواڻي

هن وقت سڄي سنڌ جي سرڪاري اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پرائمري اسڪول ٽيچرس، هاءِ اسڪول ٽيچرس، جونيئر اسڪول ٽيچرس ۽ ليڪچرارن جي ڀرتي لاءِ اشتهار ڏنا ويا آهن. انهن نوڪرين جي حوالي سان ورلڊ بينڪ ۽ ايشيائي ترقياتي بينڪ جي 100 ملين ڊالرز جي امداد ۽ سهڪار سان تقريباً 17000 ٽيچرس جي گنجائش سنڌ حڪومت وٽ موجود آهي. ان کان اڳ پڻ ماستريءَ جون 7000 نوڪريون گذريل ارباب دور ۾ 2005ع ۾ 40 سيڪڙو مارڪن سان آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ٽيل اميدوار کي مليون. گذريل دور ۾ استادن جي ٽيسٽ نتيجن ۾ (جيڪا ٽيسٽ آءِ بي اي سکر طرفان ورتي وئي هئي) ڦير گهير ڪرڻ ۽ ميرٽ کي نظر انداز ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون ويون، جنهن تي ورلڊ بينڪ جي مانيٽرنگ ٽيم اعتراض اٿاريا. هن وقت اهم ترين ضرورت تعليمي سڌارا آڻڻ، بند پيل اسڪولن کي کولائڻ، اسڪولن ۾ بجلي، پاڻي، فرنيچر سميت ٻيون سهولتون مهيا ڪرڻ، معياري تعليم ۽ بهترين ٽريننگ ورتل استاد فراهم ڪرڻ آهي. سنڌ حڪومت وٽ Deep پراجيڪٽ يعني (Decentralized Elementry Education Project for Sindh) جيڪو ايشين ڊولپمينٽ ٽريننگ پاران مليل آهي، جنهن لاءِ 397.47 ملين رپين جو قرض مليل آهي. سنڌ ايليمينٽري ٽيچرس ٽريننگ پراجيڪٽ تحت ڪينيڊين ايجنسي (سي آءِ ڊي اي) 392 ملين رپيا ڏنا آهن. Assistance to Girls Primary Education in Sindh ورلڊ فوڊ پروگرام تحت پرائمري نياڻين کي پرائمري اسڪولن ۾ ڪاچرو تيل ڏنو ويو هو ۽ Early Childhood Development جي

نالي تي آغا خان فائونڊيشن 27 ڪروڙ ڊالرن ڪانسواءِ Education For All ۽ ٽيچرز ٽريننگ پروگرام جي نالي تي يونيسڪو اربين ڊالرز جي فنڊنگ ڪري رهيو آهي. منهنجي پڇيل (اسيمبلي اجلاس ۾) سوال. ته "سنڌ ۾ گهڻا اسڪول فرنيچر ۽ بجليءَ کان محروم آهن؟" جي جواب ۾ ٻڌايو ويو هو ته "سنڌ صوبي جي 49028 سرڪاري اسڪولن مان 7572 اسڪول بند پيل آهن، باقي 41456 اسڪولن مان 29035 اسڪول بغير بجليءَ ۽ 5037 بغير فرنيچر جي ڪم ڪن پيا." غير سرڪاري/ پرائيويٽ اسڪولن جي فين کي ڪنٽرول ڪرڻ بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ ٻڌايو ويو هو ته سنڌ جي 12000 پرائيويٽ اسڪول "اختيارن جي هيٺين سطح تائين منتقلي" سبب ضلعي ۽ سٽي حڪومتن ڏانهن منتقل ٿي ويا آهن ۽ سنڌ پرائيويٽ انسٽيٽيوٽ آرڊيننس 2001ع تحت پرائيويٽ تعليمي ادارن جي ڪنهن به معاملي ۾ سنڌ حڪومت دخل اندازيءَ جي مجاز نه آهي. پرائيويٽ اسڪولن کي سالانه 5 سيڪڙو اسڪولن فيون وڌائڻ جي اجازت آهي. سنڌي ٻولي پرائيويٽ ۽ سرڪاري اسڪولن ۾ پڙهائڻ بابت سوال جي جواب ۾ ٻڌايو ويو ته سمورن سرڪاري ۽ پرائيويٽ اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي لازمي قرار ڏنل آهي. سمورن پرائيويٽ اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي پڙهائڻ واري شرط تي سنڌ حڪومت پرائيويٽ اسڪولن جي رجسٽريشن ڪندي ان سوال جي جواب ۾ ته "ڇا سنڌ حڪومت سمورن سرڪاري اسڪولن ۽ پرائيويٽ اسڪولن ۾ هڪ جهڙو نصاب رائج ڪندي؟". ٻڌايو ويو ته تعليم کاتي طرفان ڏنل نصاب ميٽرڪ سسٽم تحت سمورن اسڪولن ۾ ساڳيو آهي. ان تي مون حيران ٿي پڇيو ته ڇا ـ جوهي، ڪنڊڪوٽ، نري ميرواهه، گولاڙچي جي سرڪاري اسڪولن ۽ ڪراچيءَ جي سينٽ پيٽرڪ، بي وي ايس، سينٽ جوزف ۽ راچي گرامر اسڪول جو نصاب ساڳيو آهي؟ ڪامورن پاران ڏنل مٿيون غلط جواب رڳو مون کي نه پر سڄي سنڌ کي ڏنل هو. اهو ته سنڌ جو هڪ عام رهواسي به ٻڌائي سگهي ٿو ته سنڌ جي ٻهراڙيءَ وارن اسڪولن ۽ ڪراچي جي پرائيويٽ اسڪولن جي نصاب ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. قانون موجب، سنڌي ٻوليءَ لازمي هجڻ باوجود سنڌ جي 12000 پرائيويٽ اسڪولن ۾ نٿا پڙهائي وڃي. اهي سوال مون سنڌ اسيمبليءَ ۾ تعليم جي بهتري ۽ عوام جي جاڻ جي لاءِ پڇيا هئا ته جيئن

سنڌ صوبي جي سيني کان متانهين فلور تي آءُ شهيد بينظير جي خواهش مطابق عوام جي نمائندگيءَ جو حق نڀائيندي انهن جي حقن، فلاح ۽ ترقيءَ لاءِ عوام پاران اهي سوال پڇان.

هن وقت سنڌ حڪومت وٽ 20 هزار استادن کي ٽريننگ ڏيڻ لاءِ اربين روپين جي بجيٽ موجود آهي. 27 هزار پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪولن ۾ استادن جي ڀرتيءَ لاءِ هڪ ارب رپيا، پهرين کان ڏهين جماعت تائين سرڪاري اسڪولن ۾ ٻارن کي مفت ڪتابون ڏيڻ لاءِ سنڌ بجيٽ ۾ 4.4 ملين رپيا، ٻارڙين کي ڪلاس ڇهين کان ميٽرڪ تائين سالانه 1500 ڏيڻ لاءِ 0.3 ملين روپيا رکيا ويا آهن. جڏهن ته 7572 بند پيل اسڪولن مان 1300 بند پيل اسڪول اين جي اوز پاران ڪولايا ويندا. 3 لک ٻارن جي هن سال انرولمينٽ ڪرائي ويندي. 27000 سرڪاري اسڪول ٽيچرز کي Esra_US aid پاران سنڌن مضمونن بابت جديد ۽ ڪمپيوٽر ٽريننگ ڏني ويندي. هن وقت سنڌ جا 29 هزار اسڪول بجليءَ کان محروم آهن. 25 هزار اسڪول پيئڻ جي صاف پاڻي ۽ 5 هزار اسڪول فرنيچر کان محروم آهن. انهن لاءِ 2.3 ملين روپيا ضلعن کي ڏنا ويا آهن.

سڄي سنڌ ۾ 239 سرڪاري ڪاليجن (جن مان 118 ڪراچي ۾، 54 حيدرآباد ڊويزن ۾، 16 ميرپورخاص ڊويزن ۾، 31 سکر ڊويزن ۾ ۽ 20 لاڙڪاڻي ڊويزن ۾ آهن) اٽڪل 3 لک شاگرد ۽ شاگردياڻيون انٽرميڊيٽ، بيچلر، پوسٽ گريجوئيشن جي تعليم حاصل ڪن پيا. هن وقت حساب، ڪيمسٽري، فزڪس، بائلاجي، ڪمپيوٽر وغيره جي اهم مضمونن ۾ استادن ۽ ليڪچرارن جي شديد کوٽ آهي. گذريل 12 سالن جي نوڪرين تي پابندي، خاص ڪري اسان جي تعليمي نظام کي وڏو نقصان پهچايو سائنس ليبارٽريز جي، خاص طور تي حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻي، ميرپورخاص جي ڪاليجن ۾ کوٽ آهي. سڄي سنڌ ۾ 126 ٽيڪنيڪل ادارا ۽ 73 ووڪيشنل ادارا سنڌ حڪومت جي انتظام هيٺ ڪم ڪن پيا. انهن ادارن ۾ پڻ استادن ۽ سهولتن جي کوٽ آهي.

اسڪالرشپ جي حوالي سان 600 شاگردن لاءِ 25 هزار روپيا سالانه اسڪالرشپ ڏيڻ جو اعلام سنڌ بجيٽ ۾ ڪيو ويو. جنهن لاءِ 60 سيڪڙو مارڪن ۽ ان کان مٿي وارا شاگرد درخواستون ڏئي سگهن ٿا. هن وقت ايشين ڊولپمينٽ بينڪ (Asian Development Bank) طرفان 5880 ملين

ڊالرن (47 ارب رپين) جو پراجيڪٽ پاڪستان کي مليل آهي، جنهن ۾ پرائمري اسڪولن کي اپ گريڊ ڪرڻ، بند پيل اسڪولن کي کولائڻ، اسڪولن کي فرنيچر ۽ ڪمپيوٽر ڏيڻ، ٽيچرز ٽريننگ ۽ 9 کان 12هين جماعت جي نياڻين کي سالانه 7460 روپيا اسڪالرشپ ڏيڻ جا پروگرام به شامل آهن. سنڌ حڪومت وٽ 135 اسڪولن کي اپ گريڊ ڪرڻ، سنڌ جي هڪ لک چار سئو استادن کي سبجيڪٽ ٽريننگ ڏيارڻ جو پروگرام آهي، جنهن ۾ 27000 نوان استاد پڻ شامل هوندا. 175 سيڪنڊري اسڪولن کي هاير سيڪنڊري اسڪول بنائڻ ۽ 7 پولي ٽيڪنيڪل ادارن جي تعمير، لاڙڪاڻي، جيڪب آباد ۽ بدين ۾ انجنيئرنگ ڪاليجن جو قيام، ميرپور خاص ۾ ميڊيڪل ڪاليج ۽ بزنس ڪاليج جي تعمير لاءِ پڻ بجيٽ مختص ٿيل آهي. 90-2008ع جي بجيٽ ۾ مجموعي تعليمي بجيٽ مان 413 ملين پرائمري تعليم لاءِ، 720 ملين سيڪنڊري تعليم لاءِ 940 ملين ٽريننگ لاءِ مختص ڪيا ويا آهن. **ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اربين رپين جي بجيٽ، قرضن ۽ فنڊنگ جي صحيح ۽ ايمانداراڻه استعمال ڪيو وڃي، ان کان علاوه سنڌ ۾ سمورن سرڪاري ۽ پرائيويٽ اسڪول ۾ پڙهندڙ ٻارن کي ساڳي معياري تعليم ۽ ساڳيو نصاب پڙهائڻ لاءِ اپاءَ ورتا وڃن.**

هن وقت سڄي ملڪ ۾ 18000 مدرسن ۾ اٽڪل 95 لک ٻار ديني تعليم حاصل ڪن پيا. انهن مدرسن جي تعليمي نصاب تي نظرثاني ڪئي وڃي ته سڄي ملڪ ۾ ساڳيو تعليمي نصاب لاڳو ڪيو وڃي. نج ميرٽ تي استادن جي ڀرتيون ڪيون وڃن. ڪنهن به قسم جي سياسي ڀرتين کان پاسو ڪيو وڃي. سبجيڪٽ ٽيچرز ۽ پنهنجي مضمون ۽ فيلڊ جي ماهر استادن، ليڪچرارن ۽ پروفيسرن کي پڙهائڻ واري ڪم کان هٽائي انتظامي پوسٽون ڏئي ڊي ڊي او، ڊي او، ايي ڊي او يا پوءِ سيڪريٽري، ايڊيشنل سيڪريٽري يا ڪنهن يونيورسٽي جو انتظامي آفيسر يا رجسٽرار ڪري رکيو وڃي ٿو. اسان ان محترم استاد جي پڙهائڻ وارين صلاحيتن سان به ناانصافي ڪريون ٿا. جنهن سڄي عمر استاد ٿي پڙهايو تنهن کان پڙهائڻ جو ڪم ورتو وڃي ۽ جنهن کان ايڊمنسٽريشن جو ڪم ونڻو آهي، تنهن جي بطور ايڊمنسٽريٽر ڀرتي ڪئي وڃي ته جيئن ٻارن جو مستقبل سنواري ۽ سڌاري سگهجي ۽ استاد جهڙي پيغمبري پيشي سان انصاف ٿي سگهي.

***

OUR VISION

A democratic, socially just and tolerant society guided by participatory principles, which realizes the full potential of its people and their aspirations for sustainable and self reliant development.

OUR MISSION

To strengthen and support community organizations and public interest institutions of Pakistan for the benefit of poor and disadvantaged sections of society for sustainable development through a participatory approach.

ادارہ استحکام شرکتی ترقی (ایس پی او) بلانفع بنیادوں پر خدمات انجام دینے والا غیر سرکاری ادارہ ہے جو 15 جنوری 1994 کو کمپنیز آرڈیننس مجریہ 1984 کی دفعہ 42 کے تحت قومی ادارے کی حیثیت سے رجسٹر ہوا۔ ادارہ بہتر نظم ونسق کے لیے ترقیاتی اداروں کی استعداد اور صنفی تفہیم میں اضافے، مفادِ عامہ میں خدمات انجام دینے والی عورتوں اور مردوں کی تنظیموں کے فروغ، حقوق کی فراہمی اور تحفظ کے لیے پیروکاری کرنے والے سول سوسائٹی تنظیموں کے اتحادوں کی باہمی رابطہ کاری اور متاثرہ افراد کے لیے ہنگامی امداد اور بحالی کی خدمات انجام دے رہا ہے۔ ادارے کی جانب سے مطلوبہ اہلیت واستعداد رکھنے والی تنظیموں کو تعلیم، صحت، بنیادی سہولتوں کے ڈھانچے کی تشکیل، روزگار اور استعدادکاری کے شعبوں میں وسائل بھی فراہم کیے جاتے ہیں۔

SPO
Strengthening Participatory Organization
ادارہ استحکام شرکتی ترقی

SPO HYDERABAD REGIONAL CENTER

Plot No: 158/2, Behind M, Usman Deplai Scholars Academy Alamdar Chowk Gird Station, Qasimabad Hyderabad. Tel: 022-2654725, 2655399, 2655712, Fax: 022-2652126

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڏَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بـہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪري ٿـو تـہ پَـڪَ ڄاڻو تـہ اُهـو ڪُـوڙو آهـي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪـڏهن ڪـو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بيـن لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ ٽالي لِڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَـم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَـٻِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَ پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيِٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪـڏهن ڪـو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَـنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٿين، جيڪي بہ ڪٿين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڇاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَڙهَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڏ ڪان وڏ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)